SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1982

SINDH ORDINANCE NO.II OF 1982

سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 1982

THE SIND UNIVERSITIES LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1982

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ XXIV ۽ XXV مجريہ 1972 جي دفعہ 14 ۽ 23 ۾ ترميم
Amendment of Sections 14 and 23 of Sind Acts XXIV of 1972

3. سنڌ ايڪٽ II ۽ IV مجريہ 1977 جي دفعہ16 ۽ 28 ۾ ترميم
Amendment of Sections 16 and 28 of Sind Acts II and IV of 1977

4. سنڌ ايڪٽ II ۽ IV مجريہ 1977 جي دفعہ 16 ۽ 28 ۾ ترميم
Amendment of Section 16 of Sind Act V of 1977

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1982
SINDH ORDINANCE NO.II OF 1982
سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 1982
THE SIND UNIVERSITIES LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1982

[13 فيبروري 1982]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ جي يونيورسٽيز ۾ نافذ العمل ڪيترن ئي ايڪٽس جي دفعات ۾ شقن کي تبديل ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ جي يونيورسٽين ۾ نافذ العمل ڪيترن ئي ايڪٽس جي دفعات ۾ شقن کي تبديل ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۾ وقتي آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 1982 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ XXIV ۽ XXV مجريہ 1972 جي دفعہ 14 ۽ 23 ۾ ترميم
Amendment of Sections 14 and 23 of Sind Acts XXIV of 1972

2. يونيورسٽي آف سنڌ ايڪٽ، 1972 ۽ يونيورسٽي ڪراچي ايڪٽ، 1972 ۾:-

(a) دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (4) جي شق (ix) جو هيٺيون متبادل هوندو.

"(ix) قومي پي اسڪيل جي سمورن گريڊن 1 کان 16

تائين آسامين تي مقرري ڪرڻ. "

(b) دفعہ 23 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (r) جو هيٺيون متبادل هوندو.

"(r) سليڪشن بورڊ جي سفارش تي قومي پي اسڪيل ۾ 17 گريڊ ۽ ان کان مٿي گريڈ تي مقرري ڪرڻ. "

3. N.E.D يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڈ ٽيڪنالاجي ايڪٽ 1977 ۽ مهراڻ يونيورسٹي ايڪٹ، 1977

سنڌ ايڪٹ II ۽ IV مجريہ 1977 جي دفعہ16 ۽ 28 ۾ ترميم
Amendment of Sections 16 and 28 of Sind Acts II and IV of 1977

(a) دفعہ 16 جي ذيلي دفعو 2 جي شق (m) ۾ لفظ "پنج سئو کان مٿي بنيادي پگهار ڪٹڻ" جي جاءِ تي"قومي پي اسڪيل جي گريڈ 17 يا ان کان مٿي واري گريڈن ۾" سان متبادل هوندو.

(b) دفعہ 28 ۾ شق (vi) ۾ لفظ " هڪ مهيني جي لاءِ بنيادي پگهار ونڊ""جيڪو پنج سئو کان ٿيڻ نہ وڃي" کي لفظن ۽ عددن "نيشنل پي اسڪيل جي سمورن گريڈن ۾ 16 گريڈ تائين"سان متبادل ناهيو ويندو.

4. سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ايڪٹ 1977

سنڌ ايڪٹ II ۽ IV مجريہ 1977 جي دفعہ16 ۽ 28 ۾ ترميم
Amendment of Section 16 of Sind Act V of 1977

(a) دفعہ 16 جي ذيلي دفعہ 2 جي شق (k) ۾ لفظ "پنج سئو رپين کان مٿي بنيادي پگهار ڪٹڻ" جي جاءِ تي"قومي پي اسڪيل 17 يا ان کان مٿي جي گريڈن " جا لفظ ۽ انگ متبادل هوندا.

(b) دفعہ 28 ۾ شق (vi)۾ لفظ " هڪ مهيني جي لاءِ بنيادي پگهار جيڪا پنج سئو کان مٿي نہ هجي " ان جي جاءِ تي"نيشنل پي اسڪيل جي سمورن گريڈن ۾ 16 گريڈ تائين " جي لفظن ۽ انگن سان متبادل بڻايو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.